**زاهده مري**
**اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو سنڌي**
**شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور**

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون

# Dr. Memon Abdul Majeed Sindhi and contribution for his Language

**Abstract:**

Abdul Majeed Sindhi will immensely be benefiting Sindh for centuries on the firmament of Sindhi Literature have shown many a bright star whose brightness of ignorance. Today, the densely populated, Larkana is a shining star on the sky of Sindh. This district has produced many titles in the fields of both politics acumen and unbeatable literary strength have earned accolades from friends and foes a light. Among those literary giants, the name of Dr. Memon Abdul Majeed Sindhi Tops the list Dr. Memon was not only an unrivalled literary figure, but also an incredibly researcher, a historian, a biographer and an intellectual. He had got a unique style of exhibiting his love for Sindh and Sindhi Language. Among the interpreters of Shah Latif's poetry, occupies a distinct place. He has also a lasting contribution to Sindhi Language and history of Sindh to his credit. The literary ornaments offered by Dr. Memon Abdul Majeed.

سنڌ جي سر زمين هر دؤر ۾ اهڙا املهه انسان پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي عقل، علم ۽ قلم وسيلي انسان ذات جي خدمت ڪئي آهي. ادب جي ميدان ۾ اهڙن انسانن ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو نالو به اچي ٿو. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جو جنم 1920ع ۾ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ماڙيءَ ۾ ٿيو ۽ سندس وفات 1996ع تي ٿي. ڊاڪٽر ميمڻ ننڍي هوندي کان ئي علم وَ ادب سان چاهه رکندو هو، سندس ان شوق وَ ذوق کيس ادبي دنيا ۾ انفرادي حيثيت ڏياري، ان حوالي سان بدر ڌامراهو لکي ٿو ته:-

"ڊاڪٽر ميمڻ جي والد کي ڳوٺ ماڙيءَ ۾ ڪپڙي اُڻڻ جو ڪارخانو هو، جتي مزدور ڪم ڪندا هئا. انهن مزدورن ۾ ڪي سگهڙ به هئا، انهن مان هڪ

جو نالو پنجل هو جيڪو نهايت قابل ۽ هوشيار سگهڙ هو. انهن جي صحبت ۾ رهي ڊاڪٽر ميمڻ جن ادب ڏانهن مائل ٿيا ۽ انهن جا ڏور، بيت ۽ ڳجهارتون قلمبد ڪري ورتائون اهڙي طرح ٻالجتيءَ ۾ ڏور تي ڪتاب تيار ڪيائون جيڪو پوءِ 1961ع تي ڇپيو" (1)

ڊاڪٽر ميمڻ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا، اهڙي طرح سندن لکڻ جا موضوع بہ انيڪ ملن ٿا. اهڙي گهڻ رخي شخصيت جي فن فڪر جو احاطو هن مقالي ۾ ناممڪن ٿيندو. جنهن پنهنجي قلمي پورهئي سان پاڻ مڃايو، هن هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جنهن ۾ تحقيق، تنقيد، ادب، تاريخ، تصوف، اسلام، شاعري ۽ خاڪانگاري جهڙا موضوع شامل آهن. جيڪي ڊاڪٽر ميمڻ جي علم ۽ قلم کان ٻاهر نظر نہ ٿا اچن. سندس شخصيت جي حوالي سان سندس فرزند عبدالحميد ميمڻ لکي ٿو:-

"بابا سائين گهڻ رخي شخصيت هو. هو هڪ طرف عالم، اديب، نقاد، محقق، لطيف شناس ۽ ماهر لسانيات هو، تہ ٻئي طرف وري عظيم الشان استاد، شاگردن جو رهبر ۽ خير خواهہ دوستن جو دل گهريو دوست، مهمان نواز، اعلىٰ رهبر ۽ رهنماءُ هو"(2)

ڊاڪٽر ميمڻ جي گهڻ پاسائين شخصيت جا سيئي حوالا ان ڳالهہ جو چٽو ثبوت آهن، تہ هو هڪ فرض شناس، قدآور ادبي شخصيت، علمي فضيلت جو هڳاءُ رکندڙ، تقرير ۽ تحرير جهڙو مثالي ماڻهو سان گڏو گڏ هڪ املهہ انسان پڻ هو. ناميارو شاعر اديب، قاضي مقصود گل هڪ ڪانفرنس ۾، ڊاڪٽر صاحب جي ليڪچر جو احوال هن طرح بيان ڪري ٿو:-

"لسانيات جو هي ماهر عالم، جڏهن سُر ۽ وينجن سمجهائڻ بيهندو هو، تڏهن تارون وارا لفظ، ٻقڪيدار لفظ، ڳورا لفظ، هلڪا لفظ سڀ عملي طرح سان آواز ڪڍي سمجهائي، ٻڌندڙ کي اهڙو مطمئن ڪندو هو، جو سڀ حيران ٿي ڏسندي دنگ رهجي ويندا هئا" (3)

ڊاڪٽر ميمڻ هڪ اداره ساز شخصيت هو، هن ڪيترائي ادارا ۽ تنظيمون ٺاهيون، ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر رهيو جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميہ ڪاليج سکر، لطيف اڪيڊمي سکر، جشن شڪارپور پبليڪيشن، انهن تنظيمن ۽ ادارن ۾ رهڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر صاحب صرف نالي ماتر يا نالي ڳڻائڻ وارن اديبن وانگر

نہ رهيو، پر عملي ۽ فرض شناس اديب هجڻ جو ثبوت ڏنائين. اهڙي طرح علم، ادب جي تاريخ ۾ ڪتاب شايع ڪرائي ادبي واڌارو ڪيائين.
سنڌي ادبي سُوسائٽي اسلاميہ ڪاليج بابت بدر ڌامراهو لکي ٿو:-

"1961ع ۾ ڊاڪٽر ميمڻ، اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. ڪاليج ۾ اچڻ سان اشاعتي سلسلو جاري ڪيائين. ادبي جلسا مشاعرا ۽ مذاڪرا ڪرائڻ شروع ڪيائين ڪتابي سلسلي جا ڪجھ خاص نمبر بہ ڪڍيائين. جهڙوڪ شعراءِ سکر نمبر، جديد سنڌي ادب نمبر، مولائي شيدائي نمبر، صحافت نمبر وغيره ۽ مڪمل ڪتاب پڻ ڇپايائين جن ۾ تنقيد ۽ تجزيو 1966ع، فڪرِ لطيف 1967ع، فڪرِ بيدل 1971ع ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن". (4)

ڊاڪٽر ميمڻ جون محنتون اڄ بہ سنڌي ادب ۾ هڪ تاريخي حيثيت رکن ٿيون، سندس ڪتاب ماخذ طور ڪم اچن ٿا. ڊاڪٽر ميمڻ جون ڪيتريون تصنيفون موجود آهن، سندس ادبي پورهيو، محنت ۽ جاکوڙ موجوده دؤر جي اسڪالرن لاءِ بهترين نمونو آهي. جيڪو شايد ڪو ڪري سگهي.

ڊاڪٽر ميمڻ پنهنجي همر عمر عالمن ۽ اديبن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ هڪ ئي وقت اساسي شاعرن تي بہ ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف، سچل سرمست، بيدل ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا تہ سفرنامن، ترجمن توڙي مختلف شهرن جون تاريخون بہ لکيون آهن. ادبي، سياسي، سماجي، تاريخ سان گڏو گڏ ادبي تنقيد، لسانيات، سوانح حيات، افسانا، ادبي جائزا ۽ مختلف ڪتابن جا لکيل مهاڳ پڻ موجود آهن.
ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي لکيل مقالن جي موضوعن جو نچوڙ بدر ڌامراهو پنهنجي پي ايچ- ڊي مقالي ۾ هن طرح ڏنو آهي:-

"لطيف شناسي 43 مقالا، سياسي سماجي تاريخ 62 مقالا، شهرن جي تاريخ 10 مقالا، سچل شناسي 16 مقالا، بيدل شناسي 13 مقالا، اساسي شاعري 09 مقالا، عام واقفيت 44 مقالا، ترجمو 04 مقالا، تنقيد 42 مقالا، سفرناما 05 مقالا، ادبي جائزا 46 مقالا، قلندر شناسي 13 مقالا،تصوف 14 مقالا، افسانا 12 مقالا، سوانح حيات ۽ خاڪا 44 مقالا، لسانيات 06 مقالا، فني سٽاءُ 04 مقالا، مهاڳ 12، سنڌي ادب جو تنقيدي جائزو 85 مقالا ۽ اردو 34 مقالا.
ساڳي طرح جڏهن ڪتابن جي ڳڻپ ڪجي ٿي تہ اهو انگ 76 ٿيندو، انهن ۾ درسي، اسلامي ۽ ادبي ڪتاب شامل آهن" (5)

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تاريخ دان جي حيثيت ۾ جيڪو سنڌي ادب ۽ تاريخ تي ڪم ڪيو آهي سو ادبي تاريخ جو هڪ اثاثو آهي. ادبي تاريخن ۾ "سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" هڪ انفرادي حيثيت جا حامل آهن.

سنڌ جو ناميارو محقق مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته:-

"ميمڻ صاحب جو سڀ کان وڏو ڪردار " سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" آهي هي ڪتاب قديم دؤر کان وٺي جديد دؤر تائين مختصر مگر جامع معلومات فراهم ڪري ٿو" (6)

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي، تہ ڊاڪٽر صاحب اوائلي دؤر کان جديد دؤر تائين جامع جاڻ ڏني آهي، جيڪا سنڌي ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ ماخذ طور پڻ ڪم اچي ٿي. "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ڪتاب جي مصنف، ڊاڪٽر ميمڻ عبالمجيد سنڌي جي باري ۾ لکيل تہ:-

"هن ڪتاب جي مصنف جا سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت، اسلامي تاريخ، اسلامي تصوف، لطيفيات، لسانيات تي سندس اڻ ڳڻيا تحقيقي مقالا مضمون ڇپيا آهن. ڪيترائي تحقيقي، علمي، ادبي ۽ تنقيدي ڪتاب بہ ڇپيا اٿس، سندس سنڌيءَ کان سواءِ اردو، انگريزي ۾ مضمون، مقالا ۽ ڪتاب پڻ ڇپيا اٿس." (7)

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ماهرِ لسانيات پڻ رهيو آهي، شڪارپور شهر علم ادب جو مرڪز رهيو آهي، جتي ڪيترائي عالم ۽ ماهرِ لسانيات پڻ پيدا ٿيا آهن. ڪتاب "شڪارپور جي ٻوليءَ" ۾، ڊاڪٽر ميمڻ شڪارپور جي تاريخي ۽ جاگرافيائي پسمنظر کان لساني جائزي شڪارپور جي محاوري جو گرامر توڙي شڪارپور جي خاص لفظن جي ٻٽي معنىٰ ۽ مقصد سمجهائي، ماهرِ لسانيات هجڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي. سنڌ جو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪتاب جو پيش لفظ لکندي، لکيو آهي تہ:-

"شڪارپور جي ٻولي" جيڪو، محترم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرتب ڪيو آهي، هي تحقيقي مطالعو شڪارپور شهر ۽ ان جي پرپاسي واريءَ ٻوليءَ جي مطالعي ۾ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيندو" (8)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي عالمانہ ذهانت جو اندازو ان ڳالھ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ، کيس ڪيترائي علمي، ادبي ايوارڊ مليا، جن مان:-

تمغءِ امتياز 1982ع، سچل ايوارڊ 1989ع، سلورجوبلي 1992ع ايوارڊ پاڪستان نعت اڪيڊمي ڪراچي ،طالب المولیٰ ميموريل ايوارڊ 1994ع ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1974ع ۾ پي ايچ- ڊي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، سنڌ جي ڪيترن ئي استادن جو استاد بڻيو ۽ ڪيترن ئي عالمن سندس نگرانيءَ ۾ ايم- فل ۽ پي ايچ- ڊي ڪئي. سنڌ جو هي ڏاهو عالم ادبي تاريخ دان، ماهرِ لسانيات مونکي لطيف جي هن سٽ جيان لڳو:- "جيسين هئي جيئري ورچي نہ ويني"

چا ڪاڻ تہ هُن سڄي زندگي لکڻ پڙهڻ ۾ گذاري سندس علمي، ادبي پورهيو انفرادي حيثيت رکي ٿو. جيستائين سنڌ هوندي، سنڌي ٻولي ۽ ادب هوندو، تيستائين سندس ڪم ۽ ڪردار هميشہ زنده رهندو.

**حوالا / مد دي ڪتاب:**


1. ميمڻ، عبدالوحيد ڊاڪٽر: سڄڻ ۽ سارون، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو 1998ع ص: 20.
2. اليضاً، ص: 08.
3. حوالو، ساڳيو، ص: 87، 88.
4. حوالو، ساڳيو، ص: 22، 23.
5. ڏامراهُ، بدر: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي علمي ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو (اَڻ ڇپيل) سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيل پي ايچ- ڊي مقالو 2011ع، ص: 16، 17.
6. ملاح، مختيار احمد: سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪانياواڙ اسٽور ڪراچي 2014ع، ص: 567.
7. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2002ع، ص: 181.
8. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع، ص: 04